*ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شاھ لطيف جي ڪلام ۾ فطري منظرن جو اڀياس
# NATURE QUOTES IN POETRY OF SHAH LATIF

*Abstract:*

*Shah Latif is a nature's poet. He has very much importance for common stuff and nothing is lesser in his glance. Even though the natural small substances attract his poetic view. He used to glance at them with kindnesses. The natural view in Latif's verses is not merely the combination of words but they have very deeper thoughts and those are full of intellectual views. While keeping in view the Natural scene of demoiselle cranes in groups he delivers a message for common people that is of Love, Brotherhood, and Unity. He has deeper thinking about the natural view of sweating bodies & muddy heals of remote areal people nobody can give importance to such a pity scenario rather than shah Latif. And the idea of crying tears and weeping nose haven't utilized by anyone other than Shah Latif. In same manner the natural views of burning hay, the cold wind of north, the natural horrifying view of Sindhu during the summer season and the night of winter that freeze the water are being attracted by his poetic ability.The sky covered with clouds, the above falling rainy weather's view has very astonishing appearance in his verses. While presenting the view that "SUHNI" is crossing the river in such weather is just forcing the mind to visualize that Shah Latif must have written these verses while watching the whole scene with his own eyes.During the night the visualization of a lamp or candle light that keep lightened up to the dawn and till appearance of twilight is such like an enchanted scene which is being created by Shah Latif. In same way he also described the system of stars. Shah Latif mention some stars by their names and some of them by their color, those includes "KATI", "TERO" and "LUDHO".The natural scenes of Water, the seeds of trees, the blooming of lotus flowers and the winds of spring and the place where they all came together is beautiful*

*ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور



*"Keenjhar" in which water flows like a cradle and smells like Musk. Such a wonderful scene can only being created by Shah Latif."Shah-Jo-Risalo" represents Natural scenes & Natural Environment. For example Latif says,*

هيٺ جر مٿي مجر پاسي ۾ وڻراھ،
اڇي وچي وِچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اُتر واءِ، ڪينجهر هندورو ٿئي!

While describing the beauty of "Keenjhar" Lake that it is very deep & wide, along sides of its banks there are so many trees and plants and they are in the form closely packed bundles. While when wind blows from north the floating boats looks like cradles.

شاعر فطرتن حساس طبيعت جو ٿيندو آهي، ان جو فطرت کان متاثر ٿيڻ بہ سندس فطري جذبو آهي. شاعر جي تخيل جي پرواز عام ماڻهوءَ کان هميشہ مٿانهين ٿيندي آهي. جنهنڪري ان جي نظر، فطرت جي عام کان عام شين کي شعر ۾ سهيڙي سموئي وڏي اهميت وارو ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن شاھ لطيف هن بيت ۾ ڪانهن جي معمولي ڪانيءَ کي ڪيڏي اهميت ڏني آهي.

ڳَچي ڪاني ڪانھ، ٻڌا ڳَڍي ٻارِ مان،
يا لَنگھائي، لَطيفُ چئي، يا ڏُرٽا ڪري دانہَ،
ڪماحَقُہ ڳَڪَنِ جي، آهي ڳالھ اَڳانھ،
جيڪين ڏي ٻُڏن کي ٻانھ، نات ساٿُنِ وَڃي سيرَ ۾.

(شاهواڻي، 2013ع، سهڻي، داستان 8، بيت 2، ص:126)

ڪانهن جو پڪو ڪانو بہ ايترو ڪمزور ٿئي ٿو جو هلڪي کان هلڪي زور بار تي بہ ڀڄي ٽٽي پوي ٿو، سو اُن ڪانهن جي بہ ڪچي ڪانيءَ کي مستعار ڪرڻ مان مراد ڪمزور کان ڪمزور سهارو ڄاڻائڻ آهي. شاھ عبداللطيف چوي ٿو تہ ٻڏندڙ کي اگر ڪچِي ڪانِيءَ جهڙو سَهارو بہ ملندو آهي تہ اُن سَهاري تي بہ هو تري ٻڏڻ کان بچي پوندو آهي، پر جيڪڏهن ڪير اُن سهاري تي پاڻيءَ جي تکي سير مان نڪري ناهي سگهندو تہ بہ اُها ڪچي ڪاني بچڻ جي اُميد ٻڌجي سندس روح اندر سير ۾ بہ ساٿس گڏ هوندي آهي. اها شاھ عبداللطيف جي شاعراڻي نظر هئي جنهن ڪکن جي ڪارج جي اهميت کي بہ نروار ڪيو آهي. فطرتي نظارن کي ڏسڻ، پرکڻ ۽ محسوس

ڪرڻ جوانداز هرشاعر جو پنهنجو پنهنجو آهي، جيڪو ان جي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي تي مشتمل هوندو آهي. شاهه عبداللطيف جوفطرت بابت مشاهدو، تجربو ۽ تخيل، دنيا جي شاعرن ۽ عام انسانن کان بلڪل مختلف ۽ نرالو آهي. شاهه عبداللطيف پنهنجو تجربو پاڻ شاعريءَ ۾ بيان ڪري، دنيا ۾ هڪ منفرد ۽ اعليٰ شاعر هجڻ جو تاج سِرَ تي سجايو آهي، جنهن ڪري کيس شاعرن جو سرتاج ڪري سڏيو ويجي ٿو:

سانوڻَ لَهَرِيُون، ٿَرَ واري، تَرِ وارِ،
اِنهائي اَپارَ ، مُون سين پَلي پال ڪِئا.

(شاهواڻي ،2013 ، سهڻي، ابيات متفرق، بيت15، ص:133)

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ڪائنات ۾ اڻڪٿ، فطرت جا منظر نظر ايندا جن جي پنهنجي ترتيب و تنظيم هوندي آهي. هڪ اعليٰ درجي جو فنڪار پوءِ اهو شاعر هجي يا مصور، فطرت جي ڦهليل نظارن ۾ ان ترتيب و تنظيم مان پنهنجي ذاتي تجربي، مشاهدي ۽ تخيل جي مدد سان،خاص طور تي شاعر پنهنجي فطري جذبي جي مدد سان انهن منظرن جو انتخاب ڪري، ٻوليءَ وسيلي اظهار ڪري ٿو. ان ڪري ٻولي ۽ تخيل جي قوت، انساني شعور جي اها سگهه آهي، جنهن جي وسيلي شاعر، فنڪاريا مصور، انهن منظرن کي شاعري يا مصوريءَ جي مدد سان ٻيهر تخليق ڪري ٿو. جيئن شاهه لطيف جي هن بيت ۾ درياهه جي دهشت ۽ لهرن جا لڙ، بلڪل جيئرا جاڳندا منظر محسوس پيا ڪن:

دهَشتَ دَمَ دَرياهَ ۾، جِتِ لُڙَ لهرِيُون، لَس ليٿَ،
آٽئو اوِيارِنِ ۾، ٻانڊِي ٻوڙِي ٻيٺَ،
جِتِ چِڪَڙِ جي چِپيٺَ، اُتِ ساهڙَ! سيرَ لنگهاءِ تون.

(شاهواڻي،2013 ع، سهڻي، داستان2، بيت9، ص:113)

شاعر پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظن جي جڙاءَ سان فطرت جي حسين نظارن کي جوڙي جيئرو جاڳندو ڪري بيان ڪندو آهي. شاعر پنهنجي تخليقي جوهر ۽ لفظن جي ترتيب کي وڏي فنڪارانه صلاحيت جي استعمال سان، فطرت جي حسين نظارن کي اجان به وڌيڪ شاعريءَ ۾ خوبصورت بڻائي ڇڏيندو آهي.جيئن شاهه لطيف سر ڪاموڏ ۾ ڪينجهر کي هندوري سان تشبيه ڏئي ان جي خوبصورت منظرکي لفظن ۾ سمايو آهي:



هيٺ جر، مٿي ميگهه، پاسي ۾ وڻراهه،
اچي ويجي وِچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اُتر واءَ، ڪينجهر هندورو ٿئي!

(آڏواڻي، 1997ع، ڪاموڏ، داستان2، بيت2، ص:293)

هيٺ جر، مٿي ميگهه، ڪنڌيءَ ڪونرَ ٽَرن،
ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪٿوري ٿئي.

(آڏواڻي، 1997ع، ڪاموڏ، داستان2، بيت4، ص:293)

جيڪڏهن عام طور تي ڏٺو وڃي ته انساني جذبن، احساسن ۽ امنگن جي اظهار لاءِ شاعري هڪ بهترين ذريعو آهي. شاعريءَ کي تخيل ۽ جذبات جي زبان سڏيو وڃي ٿو. شاعر ئي فطرت جي نظارن کي لفظن ذريعي ٻيهر ظاهر ڪري ٿو. دنياجي فطري نظارن کي ڏسجي ٿو ته سمنڊ، درياءَ ڍنڍون، جبل، زمين، آسمان، حيوانات، نباتات، ڏينهن ۽ رات وغير جهڙا فطري منظر موجود آهن.

شاهه لطيف پنهنجي فطرتي جذبي، ذاتي مشاهدي ۽ تخيل سان ان فطرت جي سمنڊ ۾ گهرائيءَ تائين غواص بڻجي ماڻڪ ميڙيا آهن. پوءِ انهن کي شاعريءَ جو ويس ڍڪائي ايئن ٻيهر خوبصورت انداز سان پيش ڪيو آهي، جيئن قدرت انهن ۾اصل حسن سمايو آهي. هن بيت ۾ شاهه لطيف مهيرن ملاحن جي چٽي تصوير پيش ڪئي آهي:

ڄارِيُون، ڪارِيُون، ڇَڄَ، ڇِپرِيُون، جَنِ جي محبتَ مهيءَ ساڻُ،
رَهنِ، وِهنِ سِرِ ٻانڌِيين، سَپيئي ٻَدِبُوءِ هاڻُ،
لُڏِڙَنِ جنءَ، لطيف چئي، پاٽي وِجهنِ پاڻ،
تَنِ مَلاحنِ جو ماڻُ، سَمي سِرِ ڪِئو پاهجي.

(شاهواڻي، 2013ع، ڪاموڏ، داستان1، بيت12، ص:291)

شاهه لطيف دنيا جو منفرد وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، جنهن خدا جي هر تخليق کيل حسين تخليق کي ساراهيوآهي، جيڪو سندس هر بيت ۾ظاهر نظر ايندو ۽ بيتن کي پڙهڻ سان خود پڙهندڙ محسوس به ڪندو آهي. جيڪڏهن رسالي جي ابتدا ۾ئي ڏسجي ته خدا جي جوڙيل جهان جي جوڙَجي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته:

اَولِ، اللهُ، عَلِيمُ اعليٰ، عالمَ جو ڌَڻِي،
قادِرُ پهنجي قُدرتَ سين، قائم آهِ قَدِيمُ،
والي، واحدُ وَحدَهُ، رازِقُ رَبُ رَحيمُ،
سو ساراهِ سچو ڌَڻِي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ،
ڪَري پاڻَ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جَهان جِي.

(شاهواڻي، 2013ع، ڪلياڻ، داستان 1، بيت 1، ص:38)

شاهه لطيف الله پاڪ جي شان سان گڏ سندس وحدانيت ۽ وڏائيءَ کي ڪيئن خوبصورت انداز سان مٿئين بيت ۾ بيان ڪيو آهي.

اول. سڀ کان پهرين الله پاڪ عليم آهي. اهو هر شئي جو ڄاڻندڙ خالق ۽ وڏو علم رکندڙ آهي. اهو وڏي عظمت وارو آهي ۽ سموري عالم جو مالڪ ڌڻي آهي. والي، واحد، وحده. اهو اڪيلو سڀني جو سنڀاليندڙ وحده لاشريڪ آهي. رازق رب رحيم آهي، اهو پاڻ سڀني کي رزق ۽ روزي ڏيندڙ مٿن وڏو رحم ڪندڙ آهي. تنهنڪري، جهانن کي جوڙيندڙ جي دل سان تعريف ۽ عبادت ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ قادر جي قدرت جي جوڙ کي سمجهڻ لاءِ عام انسان جوعقل دنگ رهجي وڃي ٿو. شاهه لطيف الله پاڪ جي جوڙيل جهانن کي وڏي فڪر سان مطالعي هيٺ آڻي، ان جي فطرت جي هرمنظر ۾ خدا جي جلوي کي پسي پوءِ وڏي واڪاڻ ڪري ٿو.

شاهه لطيف ذاتي مشاهدي ۽ تخيل جي مدد سان،پنهنجي ڪلام کي عام فهم ٻوليءَ ۾ بيان ڪري، فطرت جي انهن منظرن کي ڪيميرا جي اک ۾ قيد ڪري، لفظن جي لڙهي ۾ پوئي بيتن جي صورت ۾عام جي اڳيان پيش ڪيو آهي. انهن بيتن ۾فطري منظر بلڪل جيئرا جاڳندا نظرايندا ۽ انهن بيتن کي پڙهڻ سان ايئن معلوم ٿيندو ڄڻ هاڻي ساهه کڻڻ وارا آهن.جيئن هن بيت کي ئي ڏسو.

ڪڪي هاڙيون ڪاريُون، ڇِڇي هاڙا ڇَڄَ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿيي لَڄَ،
سَمُون ڄامُ سُهَڄَ، اُيو ڪَري اُنِ سين.

(شاهواڻي، 2013ع، ڪاموڏ، داستان 1،بيت 10،ص:290)

فطرت ڇا آهي؟ اهو ڄاڻڻ ضروري بہ آهي. ۽ شاهه لطيف جي بيتن ۾ ڪهڙا فطري منظر ملن ٿا، انهن کي اجاگر ڪرڻ هن مقالي جو مقصد آهي. جيڪي شاهه لطيف فقط لفظن جي جڙاءَ يا انهن جي ظاهري خوبصورتيءَ کان متاثر ٿي نہ جوڙيا



آهن. پر اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان انسان جي اصلاح ڪندي ڪين شعور پڻ ڏين ٿا. جيئن هن بيت ۾ شاهه لطيف انسان کي ذاتي عملن بابت سجاڳي ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

آڏو چِڪڻُ چاڙُ مهجي موجَ نہ سَهي مَڪڙي،
ميڙي مَنايُنِ جو بيحد چاڙهِيُم بارُ،
چوَڻَ چارو ناهِ ڪو بَديُون بي شُمارُ،
ڪَپَرُ ڪارُونيارُ اُڪاريين اِحسانَ سين.

(شاهواڻي، 2013ع، سريراڳ، داستان 2، بيت 12، ص:82)

فطرت جي وصف: فطرت سڀني شين جو اهڙو ميڙ آهي. جتي شيون پنهنجو ڌار ڌار مقام ۽ سڃاڻ قائم ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح فطرت مختلف شين جي ميڙ جوگڏيل نالوآهي. فطري شين جو ميلاپ هڪ خوبصورت ۽ هم آهنگ ماحول کي جنم ڏئي ٿو. جنهن سان نہ رڳو فطري سونهن وڌي ٿي بلڪ فطرت پنهنجي ان هم آهنگي سان اوسر ۽ ارتقا پڻ ڪري ٿي. ارتقا جو اهو سلسلو هڪ پاسي فطري حسن کي وڌائي ٿو تہ ٻئي پاسي واڌ ويجهہ جو ڪارڻ ۽ ذريعو پڻ بڻجي ٿو. انسان فطرت سان جيترو گهرو شغف رکي ٿو موٽ ۾ فطرت پڻ انسان تي ايترو ئي اثر انداز ٿئي ٿي. فطرت جي اوسر گهڻو ڪري پاڻمرادو ٿئي ٿي پر انساني عمل دخل ان کي وڌيڪ معنيٰ بخشي ٿو ۽ نتيجي طور اها اوسر انسان جي جيون لاءِ لاڀائتي ٿئي ٿي. (مهراڻي،2013، 140.

شاهه عبداللطيف فطرت جو گهرائيءَ سان مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو آهي. ان جي ڄاڻ رسالي جي هرسرجي هرداستان۾ هر بيت ۽ وائيءَ مان معلوم ٿئي ٿي. شاهه لطيف فطرت جي نظارن کي تمام ويجهڙائيءَ کان ڏسي، ان کي انهن جي اصل شڪل ۾ شاعريءَ ذريعي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪوڙين ڪاياڻُون تهجيون، لِڪَنِ لَکَ هزار،
جِي سِپِڪه جِي سين، دَرَسَن ڌارو ڌارُ،
پِريمِ تهجا پار، ڪِهڙا چَئِي ڪي چُئان.

(شاهواڻي، ، 2013ع، ڪياڻ، داستان 1، بيت 24، 40)

لِڪَنِ لک هزار، انهن فطري منظرن کي لکين هزارين پيرا لکيو پڙهيو ويو آهي. پر هر انسان جي مشاهدي ۽ مطالعي جي پرک پنهنجي پنهنجي آهي. شاهه لطيف قدرت جي فطرتي منظرن کان ايترو تہ متاثرنظر اچي ٿو جو ايئن بہ اظهار ڪري

ٿوتہ، منهنجا پرين! تنهنجا پار تنهنجي هر منظرکي ڪيئن ۾ ڪهڙيءَ ريت لڪان، ٻڌايان؟.ان لاءِ خدا کي ٻاجهہ جو ٻڙو لاهڻ لاءِ التجا ڪري ٿو.

فطرت ۾ڪيترين ئي شين اچي وڃن ٿيون، جنهن جي شاهہ لطيف منظر ڪشي ڪئي آهي. جنهن ۾ سر ڪلياڻ کان سر بلاول تائين اهي فطرتي منظر وچايل نظر اچن ٿا. شاهہ لطيف وٽ فطرت جو هر نظارو سندس شاعريءَ ۾ موجود آهي. جهڙوڪ: چنڊ جي چٽائي، تارن جا ترورا، ڪتيون، اپرندڙ سج ۽ لهندڙ سج، ڦٽندڙ باک، سمنڊ جي ماٺار ۽ لهرن جي لپيٽ، جهاز ۽ انهن جا سڙهہ، سامونڊي ۽ ٻيڙياتا، بندر بازاريون، درياءَ جي دهشت، ڇولين جو شور، اٺن جون قطارون، رڃ، رائو جبلن جون جاڙون، ڏنگا چارا، پنل نيل، پنل پنيا وار، ٿر، بر، ڪينجهر هندور، پاٽيءَ تي ترندڙ ٻيڙيون، ڪنول جا گل، ڍنڍون ڍورا، ڪنڍيون مينهون، ڇڙن جو آواز، پکين جا ولر، ڪونجون، ڪانءَ، هنج، جوڳين جو جڙاءُ، موڪيءَ جا مٽ، مينهن جا وسڪارا، سرندي جو ساءُ، ائيٺ جو آواز. اهي شاهہ لطيف رڳو لفظن ۾ بيان نہ ڪيا آهن، پر انهن کي پڙهڻ سان اهو منظر اکين اڳيان اچيو وڃي ٿو.

> شاهہ لطيف جي شاعري ڪتابن جي مطالعي بدران فطرت جي مشاهدي مان ڦٽي نڪتي آهي. ان ڪري ئي سندس شاعري عڪسن سان پري پئي آهي...هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻيءَ طرح ٿو محسوس ڪري. هو ڪائنات جي ڳوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تيز حس سان اهڙا تہ تجربا ٿو حاصل ڪري جو انهن کي عام ماڻهو هوندئن تہ پهچي نہ سگهي. پر شاعر جي بيان جي طاقت ۾ انهن تجربن جي ٻيهر تخليق ڪرڻ جي قوت ئي آهي...شاعراڻي عڪاسي فوٽوگرافي نہ، پران کان بہ وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. جنهن ۾ (فطرتي) منظرن پس منظر ٻئي چٽا ۽ صاف ٻيٺا هوندا آهن. (عباسي،2000، 153 _54)

## (1) چنڊ جي چٽائي/سُهائي جو فطرتي منظر:

شاهہ لطيف سرڪنيات ۾ چنڊ ۽ تارن جي منظرن جو گهرو مشاهدو ڪري، انهن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيوآهي.عام طوردنيا جي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ چنڊ کي پنهنجي محبوب سان مشابهت ڏني آهي. پرشاهہ لطيف واحد شاعر آهي، جنهن کي چنڊ ۾ انسان جي حسن ۽ اهميت جواندازو آهي. شاهہ لطيف چنڊ کي پرينءَ جهڙو نہ ٿو سمجهي. پر پاڻ سڌو سنئون چنڊ سان مخاطب ٿي ان کي ڪليل لفظن ۾ ان جي اهميت ۽ حقيقت کان هينئن آگاهہ ڪندي چئي ٿو تہ:



چَنڊَ! چُئَئن حَقُ، جي وِڙهين جي وِچرين،
ٻہ اَکيُون تِئو نَڪُ، تو ۾ ناهہ پِريَنِ جهو.
(شاهواڻي، 2013ع، ڪنيات، داستان1، بيت16، 70)

چَنڊَ! چُئَئن سَچُ ، جي مَنِي نہ پائِيين،
ڱَڏِهِ اُپرين سَنهڙو ڱَڏِن اُپرين ڳَچُ،
مه ۾ ٻَريئي ئي مَچُ، تو ۾ ناهہ پيشاني پري جي.
(شاهواڻي، 2013ع، ڪنيات، داستان1، بيت17، 70)

هڪ ٻئي بيت تہ شاهہ لطيف صاف صاف چنڊ کي چئي ڏنو تہ:

چَنڊَ! تهجي ذات، پاڙيان تان نہ پِرينِ سين،
تون اَچو ۾ راتِ، سَجَڻَ نِتُ سوجِهرا.
(شاهواڻي،2013ع، ڪنيات، داستان1، بيت13، 70)

هتي هن بيت ۾ تہ وري خدا پاڪ جي ذات جو قسم کڻي ٻڌائي ٿو تہ:

سهسين سِجَنِ اُپري، چوراسِي چَنڊَنِ،
بِاللهِ ري پِرِيَنِ، سَڀ اُنداهي پائيان.
(شاهواڻي، 2013ع، ڪنيات، داستان1، بيت12، 70)

شاهہ لطيف اهو ڄاڻائي ٿو تہ چنڊ ڪيڏو بہ روشن هجي، پرسندس پرين ، محبوب سيني کان سهڻو آهي. چنڊ فطرتي طور ڪڏهن روشني گهڻي ڪندو آهي تہ ڪڏهن گهٽ، اهو ان جو هڪ فطري عمل آهي. دنيا جا عام شاعر چنڊ جي روشني ۽ چانڊاڻ کي پنهنجي محبوب سان مشابهت ڏيندا آهن. شاهہ لطيف محبوب جو مٽ ڪنهن کي بہ نہ ٿو ڪري، جو اهو پنهنجي شان ۽ شعور ۾ اعليٰ آهي.

جانبَ تُون جيڏو آهين شانَ شَعور سين،
مون تي ڪَرِ مهجا پرين، توهُ تُسي تيڏو
ايءُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو؟ جنءَ نَوازِيمِ نِگاهہ سين.
(شاهواڻي، 2013ع، بروو سنڌي، داستان2، بيت1،368)

هڪ هنڌ وري چنڊ جي سهائيءَ جي منظر کي هيئن بيان ڪري ٿو.

رات سهائِي، پُون سَئين، پَٿين وڏو پَنڌُ،
هَلَندي حَبيبَن ڏي، ڪَرَها! موڙِ مَ ڪَنڌُ،
ٻَنڌَڻُ سوئِي ٻَنڌُ، جو پَهُچائي! پِرِيَنِ کي.
(شاهواڻي ، 2013ع، ڪنيات، داستان1، بيت5،69)

(شاهه عبداللطيف) جنهن بہ نظاري جو ذڪر ڪري ٿو تہ رڳو لفظ ناهن، پر اهو نظارو اکين آڏو ٿو اچي بيهي. شاعراڻي عڪاسي فوٽو گرافي نہ، پر ان کان بہ وڌيڪ واضح ٿئي ٿي. جنهن ۾ منظر ۽ پس منظر ٻئي چِٽا ۽ صاف بيٺا هوندا آهن. (مٿئين بيت ۾ ڏسجي تہ) آسمان تي چوڏهينءَ جو چمڪندڙ چنڊ، هيٺ سڌو سنئون پٽ، جيڪو نظر جي حد تائين پکڙيل آهي. ان سان گڏ اٺ، ٽيئي شيون اهڙو منظر ٽيون پيش ڪن جنهن جو ڪئنواس وسيع آهي. کُليل آهي. ان ۾ اٺ ۽ سندس سوار جو منظر بہ ايڏو چٽو آهي. جيڏو چنڊ ۽ سنئين پٽ جو پس منظر. (عباسي، 2000، 153_154)

فطري منظرن جي اها سونهن، سگهہ ۽ ڪشش ئي آهي، جيڪا هڪ عام ماڻهوءَ کي آرٽسٽ، ڪاريگر، مصور، موسيقار، فنڪار ۽ شاعر بڻائي ٿي. فطرت منظرن جو هڪ اهڙو سمنڊ لڳي ٿي، جنهن ۾ سڀ شيون هڪ ٻئي سان سڌو يا اڻ سڌو لاڳاپو رکن ٿيون. ڪا بہ شئي اڪيلي ايتري سهڻي نہ لڳندي، جيئن اها پنهنجي ميڙ ۾ نظر ايندي. جيئن چنڊ اڪيلي سر نہ پر آسمان تي تارن جي جهرمٽ ۾ سهڻو لڳندو آهي.

**(2) شاهه لطيف وٽ تارن جا فطري منظر:**

شاهه لطيف جتي ڌرتيءَ سان پيار ڪري ٿو، اتي ڪائنات جي هر منظر تي گهري نظر رکي ٿو. آسمان جي مشاهدي ڪرڻ وقت رات ۾ چنڊ سان گڏ تارن جي جهرمر ۽ چمڪاٽ جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ تارن جي سيني قسمن کي بيتن ۾ وڏي مهارت سان سمائي ٿو. هڪ سائنسدان وانگر انهن جي هروقت جي اڀرڻ جي ڪهاڻي سمجهائي ٿو. تارن جي خوبصورتي ۽ فطرتي منظرن جي ڳالهہ تہ قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ پاڻ بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ آسمان کي تارن جي سونهن سان سجائڻ، فقط انسان جي اکين کي راحت لاءِ آهي. رات جي خوبصورتي چنڊ ۽ تارن جي چمڪڻ سان آهي. هڪ بيت ۾ شاهه لطيف تارن جي تمام خوبصورت منظر کي ان طرح چٽيندي چئي ٿو تہ:

تارا، ترَ، تِروڪِٽيون، مَٿِن ڦُلَڙِيُون،
ڪوءِ! سي راتَڙِيُون، جي مون پِريَ پُڄاڻا پيئِيُون.

(شاهواڻي، 2005ع، ڪنيات، داستان 1، بيت 25، 71)

هُنَ تاري، هُنَ جاءِ، هُتِ مهجا سُپرين،
سَجَڻَ ماڪِيَ ساءِ، ڳوڙا ٽِين نہ ڳڏهم.

(شاهواڻي، 2013ع، ڪنيات، داستان 1، بيت 24، 71)



تو ڏاه گهڻون نِهاريان، تارا تيلاهم،
سَجَڻُ جيڏاهم، تون تڏاهم اُڀِرين.

(شاهواڻي، 2013ع، ڪنيات، داستان 1، بيت 21، 70)

اهڙي ريت شاهه لطيف تارن سان پڻ مخاطب ٿئي ٿو ۽ محبوب جي سڪ ۾ انهن ڏانهن نهاري اهو ويچار ڪري ٿو تہ، ڪنهن تاري هِنَ تاري يا هُنَ تاري جي هيٺان ضرور منهنجو پرين ويٺو هوندو. تارن جي ترڪڻ ۽ توڪٽين انهن کي ڦلڙين سان تشبيهہ ڏيندي، پيار سان لاڏ ڪري، پرينءَ کان سواءِ گذاريل راتڙين کي ياد ڪندي، دل جي تڙپ، محبوب جي محبت ۽ اندر جي احساسن جي ترجماني ڪري ٿو.

شاهه لطيف اتي بس نہ ٿو ڪري، پر تارن جي تمام قسمن جي ڳالهہ ڪري، انهن جي فطري منظر کي کهڙي نہ سهڻي نموني بيان ڪري ٿو. جنهن ۾ لڏو، ٽيڙو ۽ ڪتيءَ جو ذڪر ملي ٿو. هي تارا ميڙ جي شڪل ۾ هوندا آهن. پهريان 'ڪتي' اڀري ظاهر ٿيندي آهي، ان جي پويان ٿوري فاصلي تي هڪ روشن تارو هوندو آهي. جنهن کي 'سنهڙو' جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. پوءِ ٽيڙو اڀري ظاهر ٿيندا آهن. جڏهن ڪتي آسمان جي وچ تي هوندي آهي، تہ پوءِ 'لُڏا' بہ لڙي ظاهر ٿيندا آهن. جڏهن ڳتي اولهہ پاسي هيٺ چڙهندي آهي تہ پوءِ 'ائٺ تارو' اڀرندو آهي، جڏهن ڪتي بنهہ لهي ويندي آهي تہ پوءِ پڻون (تارن جو ميڙ) اڀرندو آهي. هي رات جي آسماني نکٽن جو هڪ قدرتي نظام آهي. شاهه لطيف ڪن تارن جو ذڪر انهن جي نالن سان ڪري، فطري رنگ پسايا آهن. (پالاري، 2014، 83)

جيئن هيٺين بيت ۾ ڪتين جي اڀرڻ ۽ لڏي جي لڙڻ جي لاءِ شاهه لطيف، مومل جي عشق جي هڪ عجيب ڪيفيت ۽ انتظار کي اجاگر ڪيو آهي.

ڳَتِيُون ڳِپَارِ آيوُن، لُڏا وِئا لَڙِي،
موٽُ مُئِيءَ جا وَلَهَا، ڇانگي تي چَڙِهي،
رَاڻي لَئي رَڙِي، ويئي وِهَامي رَاتَڙِي.

(شيخ، 2012ع راڻو داستان 1، بيت 6، 417)

هن بيت ۾ بہ ڪتين ۽ ٽيڙوءَ جو هن طرح ذڪر ڪري ٿو.

ڳَتِيُون ڳِپَارِ آيوُن، ٽيڙُو اُڀَا ٿيئي،
رَاڻو رَاتِ نَہ آيو، ويلَ ٽَري ويئي،
ڪوءِ سَا ڪَاڻِي رَاتَڙِي، پريَان رِيءَ پيئِي،
مُون کي ڏَنءُ ڏيئِي، ڍولِئو ڍَٽِ قرَارِئو.

(شيخ، 2012ع، راڻو داستان 1، بيت 7، 418)

هيٺئين بيت ۾ تارن جي نکٽن جي فطري منظرڪشي ڪندي، شاهه لطيف چئي ٿو تہ:

اُڀي اُڀارِئامِ، نکٽَ سڀِ نَئِي وِئا،
هِڪُ مَيو ٻِئو مَينڌَرو، سَڄي رَاتِ سَارِئامِ،
ڳوڙها ڳَلِ ڳَاڙِئَامِ، جڏهن سُورجَ شَاخُون ڪيُون.

(شيخ ، 2012ع راڻو داستان 1، بيت 9، 418)

**اڀرندڙ سج ۽ لهندڙ سج جو فطري منظر:**

شاهه لطيف چنڊ ۽ تارن جي منظرن کان پوءِ سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ جا منظر پڻ شاعريءَ ۾ پيش ڪري ٿو. مومل جو راڻي لاءِ انتظارَ واري ڪيفيت جو اظهار ان لاءِ ڳوڙهن جو ڳلن تان ڳاڙڻ بہ هڪ فطري عمل ۽ سج جو شاخون ڪڍڻ فطري ۽ قدرتي منظر آهي. جنهن کي مٿي هڪ بيت ۾ پيش ڪيو آهي، پر هتي بہ هڪ اهڙو بيت جنهن ۾ شاهه لطيف هن طرح منظر ڪشي ڪندي چئي ٿو تہ:

سُورِجَ شَاخُون ڪَڍِيُون، اوتِي نَہ آيو،
راَڻي رَنجَائو ڏِنُو مُنهِنجي ڏِيلَ کي.

(شيخ2012ع، راڻو داستان 1، بيت 10، 418)

**پِرِهَ ڦٽڻ جو فطري منظر:**

شَمَعَ ٻارِيندي شَبَ، پِرِهَ باکُون ڪَڍِيُون،
موٽُ مَران ٿِي مَينڌرا، راڻا! ڪارَڻِ رَبَ،
ٽُنهنجيءَ تاتِ طَلَبَ ڪانگَ اُڏايِمِ ڪاڳَ جا.

(بلوچ، 2012، راڻو داستان 5، بيت 6، 261)

هن بيت ۾ شاهه لطيف پرهه ڦٽڻ، سج جو باکون ڪڍڻ وارو منظر، وري مومل جو راڻي لاءِ انتظار ڪرڻ، ان جي تڙپ ۽ احساسن سان محبت جي فطري عمل کي خوبصورت مهارت سان بيان ڪيو آهي. اها ئي شاعراڻي تخيل جي پرواز آهي جو عام شين کي خاص ڪري بيان ڪرڻ، عام فطري نظارن کي خاص ڪري پيش ڪرڻ. اهڙو ڪمال شاهه لطيف کان سواءِ ٻيو ڪو شاعر نہ ٿو ڪري سگهي.

**سمنڊ جي تڪ ۽ لهرن جي لپيٽ**

شاهه لطيف سر سامونڊي، سر سريراڳ ۽ سر سهڻي ۾ سمنڊ جي لهرن ۽ درياهه جي دهشت کي اهڙي انداز سان بيان ڪيو آهي جو انهن جي وهڻ جو منظر پڙهندڙ جي ذهن تي ان جي دهشت کي تاري ڪري ڇڏيندو آهي. سمنڊ جون وڏيون وڏيون لهرون تہ فطري آهن. ان جي ڪٿي گهرائي تہ ڪٿي مٿاڇرو اهو بہ هڪ فطري عمل آهي. پر شاهه لطيف ان فطرت کي بيت ۾ بيان ڪري ان منظرن کي جيئرو جاڳندو پيش ڪري ٿو ان جو وڏو مقصد آهي. ان فطرت جي منظرن کي شاهه لطيف انسان جي عملي زندگيءَ لاءِ هڪ سجاڳ ڪندڙ سنيهو ڪري پيش ڪيو آهي.

وَه تِڪَ وَهَڪُرا، جِتِ نَنگرَ نہ نَهِرَنِ،
وڏانڌَرِيُون وَه سامُهِيُون جَجهي زورِ جُنَبَنِ،
نيڊُوءَ ۾ ناتارِيُون، وَڻِجارا وِجهِنِ،
مُلا مُعلِمَنِ، مون ڳِري سُئِي ڳالڙِي.

(شاهواڻي، 2013ع، سريراڳ، داستان 3، بيت 15، 85)

شاهه لطيف سرسهڻيءَ جي داستان ٻئي ۾ درياهه جي دهشت بابت ڏهه10 بيت چيا آهن. هر بيت جي شروعات ’دهشت دم درياهَ ۾‘ جهڙي پد سان ٿئي ٿي. سمنڊ جي دهشت ايتري آهي جو وڏا تارون بہ دهلجي ٿا وڃن. ان ڪري پنهنجي مرشد ڪامل کي هر بيت ۾ ساهڙ جي نالي سان پڪاري ڪيس پار پڄائڻ لاءِ التجائون ٿيل آهن.

دهشت دَمُ درياه ۾، جِتِ ڪَڙَڪا ڪُنَ ڪَرِينِ،
ٻِچَلِ ٻانڌي ٻارِ ۾، اُتِ لَهرِيُون لوڏا ڏِين،
سَناوَرَ سَاميا ، اُتِ سيڙآيا نہ سنڌين،
جِتِ وِيرِيُون واٽَ نہ ڏِينِ، اُتِ، ساهڙَ! سِيرَ لَنگهائيين.

(شاهواڻي، 2013ع، سهڻي، داستان 2، بيت 5، 113)

شاهه لطيف انهن ڏهن بيتن ۾ درياهه جي دهشت جي منظر کي اهڙي تہ خوبصورت انداز سان بيان ڪيو آهي جو هر بيت پڙهڻ سان درياهه جي ڇولين جو شور ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انهن بيتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه لطيف انهن بيتن ۾ درياهه جي فطري وهڪري کي انسان جي زندگيءَ سان تشبيهہ ڏني آهي. جيئن هن بيت کي پڙهي ڏسو. شاهه لطيف فرمائي ٿو تہ:

دَهَشَتَ دَمُ دَرياه ۾ جِتِ ڪُنَنِ جا ڪَڙڪا،
سَهي ڪين سَمُونڊَ جا، ماندي دِلِ دَڙڪا،
ساهَڙَ! تون سُڻُ ڪا، فَرِيادي فَقِيرِ جي.

(شاهواڻي، 2013ع، سهڻي، داستان 2، بيت 7، 113)

اها شاهہ لطيف جي شاعراڻي عظمت ۽ خوبي آهي جو درياهہ جي فطري منظر کي ڏسي اصل زندگيءَ جي سفر ۾ ايندڙ ڏکائين کي ڪُنن جي ڪڙڪن سان مشابهت ڏئي ٿو. انسان جي لاءِ هي دنيا هڪ سمونڊ مثل آهي، جنهن کي ڪائنات جو والي ئي پنهنجي ٻاجهہ سان پار ڪرائي سگهي ٿو. ان ڪري هن بيت ۾ فرمائي ٿو تہ:

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهہ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙڪو
آهہ اُنهہ پارَ جو دِلِ اَندَرِ دَڙَڪو
ڀَڃي سِڪَ سيڪُ چي، سِيرَ سَندو سَڙَڪو
والي! ڪِجِ وَڙُ ڪو، تہ ٻارِ لَنگهيان ٻاجَهہ سين.

(شاهواڻي، 2013ع، سهڻي، داستان2، بيت8، ص:113)

انسان کي جڏهن خوف وڪوڙي ڇڏيندو آهي تڏهن هن کي پنهنجي هاديءَ واليءَ جي ضرورت پوندي آهي، جيئن ان خوف مان يا درياهہ جي دهشت مان پار پڄائي سگهي. شاهہ لطيف جو مقصد انسان ۾ اهي فطري جذبا اڀارڻ ۽ انهن کي دنيا جي فطري شين سان تشبيهہ ڏئي بيان ڪري ٿو تہ انسان ۾ عملي سجاڳيءَ جو جذبو پيدا ٿئي.

**نتيجا:**

1. شاهہ عبداللطيف سنڌ جي فطري منظرن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي، تنهنڪري هو فطرت جو شاعر آهي.
2. شاهہ عبداللطيف فطرت جي معمولي شين کي بہ وڏي ڪاريگريءَ سان بيتن ۾ بيان ڪري، ڪنهن ابدي مقصد ڏي انسان جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
3. شآهہ عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ چنڊ ۽ تارن سان ڳالهيون ڪيون آهن، ڪائن پرينءَ جي پار جا پتا پڇيا آهن، محبت جي فطري جذبن جو اظهار ڪيو آهي.
4. شآهہ عبداللطيف غير معمولي شين کي وڏي مقصد لاءِ استعمال ڪري اهو ثابت ڪري ٿو تہ دنيا جي ڪابہ شئي ڪوئي بہ منظر ڪنهن ابدي مقصد کان خالي نہ آهي.
5. شآهہ عبداللطيف سنڌ جي حسين فطري منظرن کي بيتن ۾ بند ڪري، نہ فقط انهن جي اهميت پڌري ڪئي آهي پر انهن جو انسان سان ڪيترو گهرو واسطو آهي ان کي بہ بهتر نموني نروار ڪيو آهي،
6. شآهہ عبداللطيف سنڌي ٻوليءَ کي وسعت ڏئي، وڏي قوت بخشي آهي.
7. شآهہ عبداللطيف جي رسالي جي هر سر ۾ اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا جن ۾ فطرت جي اعليٰ سونهن سمايل آهي.



*حوالا:*


آڏواڻي،ڪلياڻ(1997)شآهہ جو رسالو. ڪراچي،سنڌ: مڪتبہ برهان، اردو بازار

بلوچ،نبي بخش خان،ڊاڪٽر(2012)شآهہ جو رسالو. ڪراچي،سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي

ڀالاري، رخمان گل،ڊاڪٽر.(2014).شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ.(مقالو)،سهڙيندڙ: پروفيسر محمد سليم ميمڻ.شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ فطرت جا رنگ. ڪراچي،سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ.

شاهواڻي،غلام محمد(2013)شآهہ جو رسالو. ڪنڊيارو،سنڌ: روشني پبليڪيشن.

شيخ،ٻانهو خان(2012)شآهہ جو رسالو. ڪراچي،سنڌ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

عباسي، تنوير، ڊاڪٽر.( 2000)شاهہ لطيف جي شاعري. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن

مهراڻي، شير، ڊاڪٽر.( 2013).شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات.ڪراچي،سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.